وڃن ويڄن وٽ، جي ڀڳين ڀر سڪڻو تين (شاهه)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو



# ليکڪن / مواد موڪليندڙن لاءِ مشورا

١- ماهوار ويڄ خاص صحت بابت سنڌي ٻولي جو پهريون رسالو آهي.

٢- رسالي ۾ صحت سان لاڳاپيل مواد، جهڙوڪ مختلف بيمارين تي مضمون، صحت جا طور طريقا، صحت بابت خبرون، صحت بابت مواد جا ترجما ۽ صحت متعلق ٻيا عمل جهڙوڪ کاڌو، خوراڪ، رهڻي ڪهڻي، ورزش، رانديون ۽ نفسيات وغيره تي لکڻيون ڇاپيون وينديون.

٣- ڊاڪٽر ۽ ٻيا ليکڪ ليکڪائون جيڪي مٿي ڏنل عنوانن تي لکي سگهن ٿا، انهن جي لکڻين کي ڇپائي لاءِ ڀليڪار چئبو.

٤- بيمارين تي لکڻين ۾ بيماريءَ جو تعارف، نمونا، سبب ڦهلجڻ جا طريقا، روڪٿام، علاج جا طريقا ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون شامل هجڻ گهرجن. علاج جي طريقي ۾ دوائن جا نالا نہ لکڻ گهرجن ڇو تہ هي رسالو عام ماڻهوءَ جي پڙهڻ لاءِ هوندو جيڪي دوائن جو غلط استعمال بہ ڪري سگهن ٿا.

٥- صحت جي طور طريقن، ورزش، کاڌي پيتي رانديون ۽ رهڻي ڪهڻي جي طريقن تي معياري مواد هر ڄاڻ وارو ۽ ڏاهو ماڻهو موڪلي سگهي ٿو جنهن کي سائنسي روشني ۾ چنڊ ڇاڻ بعد شايع ڪيو ويندو.

٦- هن رسالي لاءِ نفسيات بابت مضمونن جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي پر مضمون جو انداز سائنسي هجڻ گهرجي.

٧- ترجما ڪوشش ڪري سولي ۽ آسان ٻوليءَ ۾ ڪري موڪلڻ گهرجن جنهن ۾ جيڪڏهن ڪنهن بہ اصطلاح (Termenology) جو بدل نہ هجي تہ اتي ڏنگين ۾ ان (Termenology) جي وضاحت يا وصف (Defination) آسان ٻولي ۾ سمجهائڻ گهرجي.

٨- ترجمو ڪري موڪليندڙ لاءِ ضروري آهي تہ هو اصل مضمون (جنهن بہ ٻولي ۾ هجي) ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي، اصل ليکڪ جو نالو ۽ رسالي جو نالو ضرور لکي موڪلي.

٩- مضمونن سان شامل تصويرن يا ڊائگرام ڪاري مس يا ڪاري ڇپائي ۾ هجن تہ بهتر آهي.

١٠- لکڻيون ڪاغذ جي هڪ پاسي صاف سٿري لکڻيءَ ۾ هڪ لائين ڇڏي لکڻ گهرجن.

١١- سڀئي لکڻيون ايڊيٽوريل بورڊ پاران ڪيل چنڊ ڇاڻ يا واڌاري ڪانپوءِ ڇاپيون وينديون.

١٢- هر ليکڪ کي ان رسالي جون جنهن ۾ سندس لکڻي شامل هوندي، ٻہ اعزازي ڪاپيون موڪليون وينديون.

١٣- صحت بابت خبرون سڄيءَ سنڌ مان ڪوبہ سڄڻ موڪلي سگهي ٿو. جنهن ۾ بيمارين بابت اطلاع، شڪايتون، صحيح علاج ملڻ يا نہ ملڻ، صفائي جو بندوبست يا ناقص انتظام وغيره شامل هجن.

١٤- پڙهندڙن جا خط پڻ هر مهيني شايع ڪيا ويندا جنهن ۾ رسالي ۾ ڇپيل مواد تي تبصرا، تنقيدون، ۽ نبيرا پڻ شامل هوندا. صحت جي مسئلن تي پڻ خط موڪلي سگهجن ٿا.

١٥- پيچيده بيمارين بابت سوالن ۽ جوابن جو هڪ الڳ پاڱو هوندو جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي صحت بابت ڪوبہ مسئلو پڇي سگهي ٿو. جنهن جو جواب واسطيدار بيماريءَ جي ماهر ڊاڪٽر کان وٺي ڇاپيو ويندو.

١٦- ميڊيڪل جي شاگردن لاءِ هڪ خاص پاڱو هوندو. جنهن ۾ سندن تعليمي ۽ غير نصابي سرگرمين جون خبرون ۽ مضمون شايع ڪيا ويندا.

١٧- سڀئي لکڻيون مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي پي او باڪس نمبر ٥٦٨ ڪراچي جي پتي تي عام ٽپال رستي موڪلڻ گهرجن. يا سڌيءَ طرح ڪمرو نمبر ٥٢ پهرين منزل بلاڪ اي معين اسٽيل مارڪيٽ بابائي اردو روڊ ڪراچي تي هٿو هٿ يا ٻين مواصلاتي ذريعن رستي پهچائڻ گهرجن.

# ايڊيٽوريل

صدين کان وٺي انسان پنهنجي تخليقي ساڃهه سميت ارتقائي مرحلن مان گذرندو ٿين کان ٿين منزل ڏانهن پير وڌائيندو رهيو آهي. سائنس هجي يا فلسفو، علم هجي يا ادب، معاشرو هجي يا معاشيات، بيماري هجي يا ڇڱڀلائي هر ميدان ۾ نيون نيون کوجنائون پڻ ارتقائي عمل جو هڪ حصو رهيون آهن. سنڌي ادب شروع کان وٺي هيل تائين جيڪي به مرحلا طئه ڪيا آهن ان ۾ ڪافي جديد توڙي قديم ۽ نراليون ڳالهيون سامهون آيون آهن، پر اڃا تائين اسانوٽ هڪڙي شئي جي کوٽ ضرور هئي ۽ اها هئي "اسانجي صحت". صحت جي ڄاڻ ۽ صحت سان لاڳاپيل مسئلا جنهن تي سنڌيءَ ۾ ڪوبه مڪمل ۽ ضابطي وارو رسالو يا مئگزين ڪونه نڪري رهيو هو، ها البتاً ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ گهٽو ڪري ١٩٥٨ع تاءِ ڪجهه ڪتاب يا وري اخباري صفحا ضرور موجود هئا. پر اهي صحت ۽ طبي ڄاڻ جي ايتري وسيع ميدان ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر ليکي سگهجن ٿا. صحت ۽ بيمارين تي روز - بروز جيڪي کوجنائون ، سڌارا ۽ واڌارا ٿيندا رهن ٿا انهي جي ڄاڻ رکڻ اسانجي هر فرد لاءِ تمام ضروري آهي. اسانجو معاشرو سياسي يا علمي طرح سان ڪيترو به باشعور ڇو نه هجي پر ان ۾ صحت جي ڄاڻ ۽ ان جي اهميت الائي ڇو تمام گهٽ آهي، اهو اسانجي ٿين ٿهي لاءِ مکيه سوال رهيو آهي. وڏا وڏا سلجهيل ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به صحت جي ڄاڻ نه هئڻ سبب خبر ناهي ڪيتريون غلطيون ڪري ويهندا آهن. صحت جي بنيادي ڄاڻ نه هئڻ ڪري هو صحت جي مسئلن کي رواجي ۽ رسمي مسئلا سمجهي نبيرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. صحت خالي بيمار ۽ ان جي دوا جو نالو نه آهي پر معاشري ۾ هر اهو عمل جيڪو انساني جسم، نفسيات، کاڌي، خوراڪ، آب هوا، رهڻي ڪهڻي، پائڻ، نپائڻ، اوجاڳي ۽ آرام يا ورزش وغيره سان لاڳاپيل آهي، اهو صحت جو مسئلو آهي. صحت بنيادي طرح هر ساهواري جي فطري اوسر، واڌ ۽ ڇڱڀلائي جو ٻيو نالو آهي.

اسان انهن تمام شين تي ڪڏهن به صحت جي نقطه نظر کان نه سوچيندا آهيون. اسان جا معذور جسماني بحالي يا فني سکيا جي بدران خيرات گهرندي نظر ايندا. اسانجي نفسياتي مسئلن ۽ مونجهارن کي ڪنهن نفسياتي اسپتال - ڊاڪٽر جي بدران لٺ ٻائي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ڪيترا پيرن تي ٻڌا پيا هوندا ته ڪيئي پيا جنن ڪڍائڻ جي چڪر ۾ لهرون هڻندا ۽ مارون کائيندا. ڪيتريون ناريون نفسياتي مونجهارن سبب جن ڀوت جو ليبل لڳرائي پنهنجيون زندگيون وڃائي ويهنديون ته ڪيترا جوڙا جوش ۾ هوش وڃائي پنهنجن حقن کان محروم ٿي ويندا. کاڌي خوراڪ جي معاملي ۾ اڄ ڏينهن تائين کاڌي ۾ شامل جزن ۽ انهن جي نفعي نقصان جي ڄاڻ ڪنهن کي ورلي هوندي. جيڪو آيو سو پيٽ ۾. نتيجي طور سدائين دوائون هٿ ۾ ننڍن ٻارن کي به انهن جي گهرج مطابق کاڌو خوراڪ نه ملندو. ماءُ پيءُ جي ڄاڻ ۾ اها شئي نه هوندي ته ڪهڙي کاڌي ۾ ڪيترا طاقت جا جزا شامل آهن ۽ ڪهڙي مهل ڪهڙي خوراڪ جي وڌيڪ ضرورت ٿئي ٿي ۽ اهڙي ريت ڪيترا ٻار ننڍپڻ ۾ ئي دائمي مرضن جو شڪار ٿي وڃن ٿا جن جو اڳتي هلي جياپو به مشڪل ٿيو پوي. ٻارن جي پالنا جو سائنسي انداز اڃان اسان ڪونه اپنايو آهي، ان سلسلي ۾ هر ماءُ کي ٻار جي نپائڻ ۽ تربيت جي سکيا جي ضرورت آهي. اهيئي حال هوندا پاڻي جي استعمال يا رهڻي ڪهڻي جا، ڇو ته صفائي جي بنيادي مسئلن تي ڌيان تمام گهٽ ڏنو ويندو، وقت تي صحيح آرام پڻ نه ڪيو ويندو ۽ وري به نتيجي ۾ ڪنهن نه ڪنهن جسماني يا ذهني بيماري جو شڪار، ورزش جو عنصر ته اسان مان بنه ڇڏائي ويو آهي. کاڌو کائيندا سين ابي، ڏاڍي وارو ۽ هلڻ ڦرڻ هوندو

مغربي طرز جو. ياد رهي تہ اسانجا وڏا گهہ ۽ مکڻ کائي ميلن جا ميل پنڌ ڪندا هئا. ٻيون ڪيترين جسماني مشقون ۽ ڪم ڪاريون ڪندا هئا پر اسان اهي کاڌا کائي ۽ اڌ ميل لاءِ بہ سواري جو سهارو وٺنداسون پوءِ نتيجي ۾ بلڊ پريشر، مٺا پيشاب يا ٻيون دل جون بيماريون وڌنديون وينديون.

انهن سڀني مسئلن کي نظر ۾ رکندي، سنڌيءَ ۾ صحت بابت رسالي "ويڄ" ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن جو پهريون پرچو اوهانجي هٿن ۾ آهي صحت جي ٽئين رسالي جي حوالي سان اوهانکي ان ۾ ڪيترين ئي اوڻايون بہ نظر اينديون. طبي سائنس ۾ فقط طبي ماهرن سان لاڳاپيل سماجي مسئلا ئي ايترا گهڻ رخا ۽ تحقيق ٽيڻ ڪانپوءِ گهرا ۽ پيچيده ٿي ويا آهن جو لڳي ٿو تہ هر موضوع بجاءِ خود هڪ درياءَ هجي. اسان هن ڇڻي پر ڏکوئيندڙ حقيقت کي پڻ ڏٺي ٿا سگهون تہ اسانجو سماج اقتصادي ۽ معاشي بنيادن تي ئي نہ پر ڄاڻ جي غربت جو بہ اوترو ئي شڪار آهي، توڙي جو ذهانت جي مناسب سار سنڀال جي کوٽ هوندي بہ اسين بنهہ "ذهانت جي اڻهوند" جو ايترو وڏو شڪار ناهيون. زندگي جي هر شعبي جيان اسان طبي ميدان ۾ بہ وڏا وڏا اڳواڻ، ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون، عالم ۽ فاضل شخصيتن کي پيدا ڪيو (۽ پوءِ وساري ڇڏيو) آهي. تنهنڪري اعليٰ جديد ۽ معياري طبي ڄاڻ جو سلسلو ۽ شعور تڏهن ايندو جڏهن اسان جو ورثاءُ ٻين سماجي علمن جيان طبي ڄاڻ ڏانهن بہ اوترو ئي منطقي ۽ سائنسي هوندو ۽ اهڙو شعور تڏهن ايرندو جڏهن اسان طبي ڄاڻ کي پنهنجي "شعوري قومي ذميواري" سمجهي ان کي عملي ۽ علمي بنيادن تي پنهنجن اٻوجهہ ماڻهن جي ذهن جي ڪچڙي زمين ۾ وڌندڙ انساني ڄاڻ جا سلا ڪري پوکيون. هن اشاعت ۾ پيش ٿيندڙ مواد جيتوڻيڪ ايتري اوچي معيار جو شايد اوهان کي محسوس نہ ٿئي پر اسان ڪوشش ڪري وڌ ۾ وڌ صحيح ۽ صاف سٿرو مواد پيش ڪيو آهي جيڪو وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ سڌارن سان اوهان جي سامهون ايندو. ويڄ جي بهتر ڪارڪردگي جو دارومدار پڙهندڙن تي رهندو. اوهانجا رايا اداري ۽ لکندڙن لاءِ رهنما ثابت ٿيندا. هر تعميري تنقيد کي کليل ذهن سان هنڊايو ۽ ڏٺو ويندو پر تنقيد ڪرڻ وارن دوستن کي خبر هوندي بہ اهو ياد ڏيارڻ ضروري آهي تہ تنقيد هيٺ آيل مواد جي بهتري، واڌاري سڌاري ۽ ڪنهن نہ ڪنهن نبيري (حل) جو هٿڻ ڪنهن بہ تعريف کان وڌيڪ اتم ۽ اهم آهي جنهن کي نہ صرف اوليت ڏني ويندي پر ان سان گڏ اسان ۽ اسانجي مهربان ليکڪ دوستن کي دائمي اتساهہ ملندو

اسانجي نيتي (پاليسي) بجا طور تي ايڊيٽوريل بورڊ جي سڄاڻ ممبرن جي گڏيل سوچ جي اثر هيٺ رهندي، پر اهڙي نيتي اوهان جي تنقيدي ۽ پرکيندڙ شعور جي سهڪار سان هر وقت پنهنجون ڪوتاهيون دور ڪرڻ ۽ اوهان جي پسند ۽ سهنج جي اصول هيٺ هر وقت نظرثاني جوڳي رهندي نہ رڳو اهو پر طبي ماهرن سان لاڳاپيل ڪيترن ئي گنيير ماهرن تي اسانجو ڪوبہ دوست اسان کي مواد موڪلي سگهي ٿو.

هن ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جي زماني ۾ اسان ڪوشش ڪري گهٽ ۾ گهٽ اگهہ تي اوهانکي رسالو ڏيون پيا اميد تہ ان ڏس ۾ اوهانجو اسان سان سٺو سهڪار رهندو.

**محبت پائي من ۾، رنڌا روڙيا جن،**
**تن جو صرافن، اڻ تريو اگهائيو.**

ادارو

# ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ
# ڊاڪٽر سجڻ ميمڻ
## سان سوال پُڇَار



انٽرويو ڪار:-

ڊاڪٽر شمس سومرو

ڊاڪٽر مجتبيٰ ميمڻ

ڊاڪٽر ثناءُ الله گوهر

رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي

ڊاڪٽر ثناءُ الله گوهر

ترتيب

ڊاڪٽر شمس سومرو

محمد اسحاق قل

## پنهنجي پچار

جڏهن ويچ جي پهرئين انٽرويو لاءِ ڪو نالو ايڊيٽوريل اسٽاف جي ڪنهن به فرد جي زبان تي آيو ته اهو ڪٿو سجڻ صاحب جو هر ڪنهن واتان نڪتو. ائين هٿڻ سياويڪ به هئو. انسانذات، خاص طرح سنڌي هلندڙ وقت جي ڪنهن "سجڻ ويچ" جو ذڪر ڪندا آهن ته نالي ۽ سياءُ جو سجڻ سندن حوالو هوندو آهي. اهو حوالو واهڻن ۽ وستين، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هڪ جيترو ناميارو ۽ هاڪارو آهي. اها اسان جي خوش نصيبي آهي جو اسين پنهنجي شروعاتي انٽرويو جي ابتدا انهيءَ هر دلعزيز ۽ پاڻ ارپيندڙ شخصيت جي نالي سان ڪري رهيا آهيون. جنهن سان اميد ته پڙهندڙن کي "ڪاني ڪجهه" سمجڻ ۽ پروڙڻ جو موقعو ملندو.

(ايڊيٽر)

### شخصيت پڌار

نالو: ڊاڪٽر محمد سجڻ ميمڻ

پيءُ جو نالو:- حاجي محمد اسماعيل ميمڻ

جم ڏينهن :- ١٥ ڊسمبر ١٩٢٨ع

رهڻ جو پيدائشي هنڌ:- ڏيپلو

### لياقتون

- ميٽرڪ ١٩٣٥ (ببمئي يونيورسٽي) اسڪول ۾ پهريون نمبر آيو
- انٽرميڊيئٽ ١٩٣٧(ببمئي يونيورسٽي) ڪاليج ۾ پهريون نمبر آيو
- ايم بي بي ايس ١٩٥٣ (ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ) يونيورسٽي ۾ ٻيو نمبر آيو
- ڊپلوما ان پبلڪ هيلٿ ١٩٥٩ (پنجاب يونيورسٽي) يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين.

ڪوششون زور وٺن پر ان سان گڏوگڏ وڏ ۾ وڏ ماڻهن تائين اهڙي ڄاڻ پهچي. اسانجو هيلٿ ايجوڪيشن وارو پروگرام انهيءَ ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، نه رڳو هيلٿ ايجوڪيشن پر خود حيدرآباد (منهنجي آفيس جو هنڌ) ۾ اسانجو هيلٿ ايجوڪيشن سيل آهي جنهن کي وڌائي اسان ڊويزن سطح تي آندو آهي هن وقت اهڙا سيل ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. جتي هيلٿ ايجوڪيشن آفيسر مقرر آهن ۽ ٻيو ضروري عملو موجود آهي. ٿي سگهي ٿو ويجهڙائيءَ ۾ اسين اهو پروجيڪٽ ضلعي سطح تي آڻيون جيڪو منظور به ٿي چڪو آهي، اسانجا ۱۸ ضلعا آهن جن مان هن سال ڇهن ضلعن ۾ اهو پروگرام شروع ٿيندو، ايندڙ سال ٻين ڇهن ضلعن ۾ ۽ ورندي سال باقي ڇهن ضلعن ۾ اسانجو اهو پروگرام جاري رهندو. اسان جي انهن ڪوشش جي ڪري



**ماڻهن خاص ڪري مائن ۾ او آر ايس O.R.S. نمڪول جي استعمال بابت ڪافي ڄاڻ آئي آهي.**

ماڻهن خاص ڪري مائن ۾ او آر ايس O.R.S. نمڪول جي استعمال بابت ڪافي ڄاڻ آئي آهي. جڏهن به دستن جي بيماري پڪڙجي ٿي، بدن مان پاڻي گهٽ ٿيڻ لڳي ٿو ته ٻهراڙين جا ماڻهو ۽ مايون ڄاڻن ٿيون ته نمڪول پيارڻ ڇو ضروري آهي ۽ هڪ پڙي نمڪول کي هڪ سير يا چار گلاس پاڻيءَ ۾ ملائجي هڪ اندازي مطابق ۷۰ سيڪڙو عورتون صرف ڄاڻ جي حد تائين معلومات رکن ٿيون جڏهن ته ۳۰ سيڪڙو عورتون انجي پوري ڄاڻ ۽ ڪارج کان واقف آهن.

---

**هڪ اندازي مطابق 70 سيڪڙو عورتون صرف ڄاڻ جي حد تائين معلومات رکن ٿيون جڏهن ته 30 سيڪڙو عورتون انجي پوري ڄاڻ ۽ ڪارج کان واقف آهن.**

---

عورتن ۾ ٻارن جي گهٽي ڄمر ڪري رت جي کوٽ سببان جيڪي پيچيدگيون پيدا ٿين ٿيون انهن کان بچاءُ لاءِ اسان هڪ ٻيو به پروگرام شروع ڪيو آهي. جيئن ته سموريون عورتون اسپتالن ۾ پهچي نه ٿيون سگهن جنهن لاءِ اسان داين جو پروگرام شروع ڪري ڏنو آهي. جتي به ڪي ماهر دايون يا ڏاهيون سڄاڻ عورتون هن خدمت لاءِ آڏو اچن ٿيون، پر ڪين سائنٽيفڪ معلومات نه آهي ته اسان انهن جي ضروري ٽريننگ لاءِ ڪين هن پروگرام ۾ ڀرتي ڪريون ٿا هي ۱۵ ڏينهن جو پروگرام آهي. اسانجون تربيت ورتل L.H.Vs انهن داين کي مناسب تربيت ڏين ٿيون. هر هڪ ڳوٺ مان هڪڙي دائي کنئي وئي آهي. انهن کي گهران واسطيدار سينٽر تائين آڻڻ ۽ گهر واپس پهچائڻ جي سهوليت ڏني وئي آهي. سکيا کانپوءِ اسين پوري ڪٽ سندن حوالي ڪريون ٿا جنهن ۾ ضروري ۽ ترت مدد جو ضروري سامان هوندو آهي. هنن داين کي سکيا پوري ڪرڻ جي سند ۽ سکيا دوران ۱۵ روپيه روز جو ڀتو به ملي ٿو. مطلب ته هيٺين سطح تي به اسان صحت، بهتر صحت جي ڄاڻ جا ضروري وسيلا ۽ ڪارڪن پيدا ڪري رهيا آهيون.

اسان جو ڇوٿون پروگرام مليريا کان بچاءُ بابت آهي.

*شمس: قطع ڪلامي معاف- سائين! مليريا بابت ستر واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري اهو سرڪاري طرح اعلان ڪيو ويو هئو ته هتي مليريا جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کان پوءِ هتي مليريا ايجوڪيشن جو فيلڊ آپريشن ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسون بند ڪيون ويون هيون.*

جواب: ماڻهو سمجهن ٿا ته هيءُ ڪو مڇرمار ڪاتو آهي. اخبارن ۾ ايندو رهندو آهي فلاڻي هنڌ مڇر تمام گهڻا وڌي ويا آهن پرائين نه آهي. مڇرن ماڻهن کي ڪونه ڪاڏو آهي. مليريا ماڻهن کي ڪاڏو آهي. ماڻهن کي اطلاع ملڻ کپي ته ڪهڙن مڇرن جو چڪ نقصان ڪار آهي ڪهڙن مڇرن جو نه. ڪٿي اسپري ٿيڻ گهرجي، ڪٿي نه، اهڙي نموني اسين معاملو اڳتي وڌائي سگهون ٿا.

مليريا کانسواءِ اسانجو هڪڙو ٻيو پروگرام آهي

ٽي بي يا سلهه بابت. ناٽي واري ڪاتي جي مهربانيءَ سان هاڻي اسان جي هر هڪ رورل هيلٿ سينٽر کي هڪ لک روپين تائين جي گرانٽ ملي ٿي. تعلقي اسپتالن کي ڏيڍ لک روپيه خاص ٽي بيءَ جي مرض جي دوائن لاءِ گرانٽ ملي ٿي.

**ٿر واري پاسي ڳِني ورم جنهن کي ٿرجا ماڻهو ”وارو“ سڏن ٿا. گلوبل ٽوٽائوزنڊ پروگرام هيٺ هن مرض کان بچاءَ جا اپاءَ وٺي رهيا آهن.**

تنهن کانسواءِ ٿر واري پاسي ڳِني ورم جنهن کي ٿرجا ماڻهو ”وارو“ سڏن ٿا. گلوبل ٽوٽائوزنڊ پروگرام هيٺ هن مرض کان بچاءَ جا اپاءَ وٺي رهيا آهن. هي پروگرام ڇاڇري، ننگر پارڪر واري پاسي هلي پيو ڇو ته ڇاڇري واري پاسي هن آزار ۾ گهٽائي آهي. جنهن ڪري اسان انهي علائقي جي ماڻهن کي هدايون ٿا،سمجهايون ٿا ته هن بيماري ۾ ورتل ماڻهو برسات جي پاڻيءَ سان ڀريل تراين ۾ نه وهنجن ته جيئن اهي جراثيم ٻين چڱن ڀلن ماڻهن تائين نه پهچن. عام ماڻهو پاڻي ٿهڪائي پوءِ واپرائين اسين انهن تراين ۾ دوائون هاريون ٿا ۽ اتي جي ماڻهن کي وڏا وڏا ڇاڻ ڏنا ويا آهن ته جيئن هو پيئڻ جو پاڻي صاف ڪري استعمال ڪن.

ڪوڙهه جو پروگرام اڳ ۾ فقط ڪراچي تائين محدود هئو. هاڻي اسان اهو پروگرام ضلعي ليول تي آندو آهي هر هڪ ضلعي ۾ هڪ ليپروسي آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي ته هو خاص ڪري ڪوڙهه ۾ ورتل مريضن جو علاج ڪري.

ننڍي ٻهڙءَ جي سار سنڀال لاءِ اسڪول هيلٿ پروگرام شروع ڪيو اٿئون. انهيءَ مقصد لاءِ اسان ١٥٠٠ ٻارڙن لاءِ هڪ ڊاڪٽر مقرر ڪيو آهي جن جو تعداد سڄي سنڌ ۾ ١٢٨٨ آهي.

تنهن ڪري هرويرو ائين ڪونهي ته ماڻهن ۾ شعور، صفائيءَ جو لاڙو ۽ تعليم اچڻ سان هي ادارا ماڳهين بند ٿي ويندا. ادارا پيا هلندا پر جنهن زور شور سان هينئر ڪم ٿي رهيو آهي اهو زور شور نه رهندو

*مجتبيٰ: توهان صحيح چيو ته اوهان بيمارين کي روڪڻ جا تمام سٺا اپاءَ ورتا آهن جيئن توهان E.P.I پروگرام بابت ٻڌايو. پر اهي سينٽر ٽائون ليول تي آهن جڏهن ته انهن جي ضرورت يونين ڪائونسل ليول ۽ گورنمينٽ ڊسپينسرين ۾ به ايتري ئي اهم آهي نه ته پوءِ ان جي ته سموري اهميت اڌوري رهجي ويندي؟*

جواب: مان توهان کي ٻڌايان ته هن وقت پورا هڪ هزار اربن توڙي رورل سينٽر موجود آهن. جتي جتي اسان وٽ لائيٽ موجود آهي. جتي جتي ننڍي ۾ ننڍي اسپتال، بيسڪ هيلٿ يونٽ يا انڪانپوءِ رورل هيلٿ سينٽر آهي، تعلقي اسپتال يا ڊسٽرڪٽ اسپتال آهي مطلب جتي به اسپتال ۾ لائيٽ موجود آهي اتي اسانجو E.P.I. سينٽر ضرور آهي ڇو ته ويڪسينيشن لاءِ ريفريجريٽرن جو هئڻ ضروري آهن انهن کانسواءِ دوائون يا ٽڪا يا سيون ڪارائتيون نه رهنديون. اهڙن سينٽرن تي اسانجو سکيا ورتل عملو به موجود آهي جن کي ضرورت مطابق سائيڪلون، موٽرسائيڪلون ڏنيون ويون آهن جيئن هو ڳوٺن ۽ واهڻن تائين پهچي سگهن. جتي لائيٽ ناهي ته اسان انهن هنڌن تي سج جي سگهه تي هلندڙ سولر ريفريجريٽر ڏنا آهن. سڄي سنڌ ۾ ٩ هنڌن تي اهڙا ريفريجريٽر آهن جن مان ڪجهه ٿرپارڪر ۽ ڪجهه ٺٽي ضلعي ۾ آهن.

تنهن کانسواءِ، ان سلسلي ۾ اسانوٽ ضرورت آهر موبائل يونٽ آهن جن ۾ اهڙين دوائن کي سانڍي رکڻ جو سمورو بندوبست ٿيل آهي. تنهنڪري اسان جي پهچ هاڻي فقط ٽائون ليول تائين نه پر ڳوٺ اندر تائين آهي. آءُ پوري خاطريءَ سان چوان ٿو.

(جڏهن ڪارائتي ڄاڻ جو سلسلو هلي پيو ۽ اسان سمجهيو ته سڄڻ صاحب ممڪن حد تائين اسان جي سوالن کي تفصيلي طرح سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي موڊ ۾ آهي تڏهن اهو ضروري هئو ته ڪانئن تفصيلي ڄاڻ جي هٿيڪي حاصلات لاءِ اگر مگر پوءِ ۽ بلڪل جي روايت دفن ٿيڻ کپي ۽ اسان ٻيو سوال شروع ڪيو.)



*شمس: توهان سنڌ سرڪار پاران هلندڙ اڪيچار ڪارائتن پروگرامن جو ذڪر ڪيو آهي. واقعي اهي سڀ پروگرام لاجواب آهن پر اها حقيقت اڃا به پنهنجي*

**ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ**
ايم. بي، بي. ايس.، ايف. آر. سي. پي. (ڪئناڊا)
(ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ٻارڙن جي بيمارين جو ماهر
ڊائو ميڊيڪل ڪاليج /سول اسپتال ڪراچي

# ”نيئن ڄاول ٻار جي پرگهور“

نيئن شخصيت جي آمد هڪ پر مسرت موقعي جيان آهي جوڪ راويتي انداز ۾ ملهايو ويندو آهي. روايتن مطابق ماءُ ۽ ٻار جي پرورش گهر، ڪٽنب يا پاڙي ۾ تجربيڪار دائيءَ يا مائيءَ جي صلاح سان ٿيندي آهي. صحت جي ٻين مسئلن وانگر، اسان جي ملڪ ۾ تقريباً هر هڪ هوشمند انسان ننڍي نيني ماءُ ۽ سندس ٻار کي ”صحت جي اصولن“ جي باري ۾ طبيبن جيان صلاح ضرور ڏيندو آهي، پوءِ جيترا وات اوترئيون صلاحون. گهڻو ڪري مائرون به اڻ پڙهيل ۽ عمر ۾ ننڍيون هونديون آهن تنهن ڪري هن نئين ذميداريءَ وقت مت مونجهيل هر صلاح تي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. پيدائش کانپوءِ انسان جو ٻار هڪ بيوس جيتامڙو آهي. جيڪو نسبتاً وڏيڪ ڪمزور آهي ۽ هر لحاظ کان خدمت گهريتو. خاص موضوعن تي، اڄ ڪلهه جي طبي لحاظ موجب صلاح ڄاڻائيندس ته جيئن وڏ ۾ وڏ ٻارڙن ۽ گهرن جو فائدو ٿي سگهي.

پيدائش کانپوءِ ٻار جو جسم هڪ چيڪي مادي (*Vernix*) سان لبيل هوندو آهي، عموماً ان کي لاهڻ لاءِ جلدئي ٻار کي غسل ڏيئي صاف ڪرڻ جو عمل ڪيو ويندو آهي جنهن مان به مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. هڪ ته تازو ڪٽيل ناڙو هڪ ڪليل زخم جيان آهي جنهن تي پاڻي لڳڻ سان زخم خراب (*Infection*) جو انديشو رهي ٿو ۽ ٻيو مسئلو جسم جو گرمي پدجي حرارت گهٽجڻ (*Hypothermia*) سان ٿئي ٿي، پيدائش کان اڳ ٻار دنيا جي ماحول گرمي يا سردي کان بي پرواهه هوندو آهي پر دنيا ۾ وارد ٿيڻ کانپوءِ جسم ۾ حرارت پيدا ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. سردين ۾ اها ڪوشش وڏيڪ ضروري آهي. حرارت پيدا ڪرڻ جو نظام هڪ ته اسانوٽ اڻپورو هوندو آهي ۽ ٻيو ان جي لاءِ گهربل قوت ( *Energy* ) جي به کوٽ هوندي آهي. وهنجارڻ جي پاڻيءَ سان جسم ٿڌڪار کائي ٿو ۽ نتيجاً (*Hypothermia*) ٿيڻ جو خدشو وڏيو وڃي.

زخم جو خراب ٿيڻ ۽ نيئن ڄاول ٻار ۾ جلد رت ۾ زهر وانگر پکڙي سگهي ٿو ۽ جان ليوا ٿي سگهي ٿو. انهن ڄاڻايل سببن ڪري صفائي جي باري ۾ هن ريت عمل ڪرڻ سان مسئلا گهٽائي سگهجن ٿا:-

(الف) پهرين ڄمڻ وقت ٻار کي هڪدم هڪ خشڪ نرم ۽ پاڻي جذب ڪرڻ واري ڪپڙي سان اگهي صاف ڪريو.

(ب) ڇهن يا اٺن ڪلاڪن جي عمر تي ٻار کي نيم گرم پاڻيءَ سان پسيل ڪپڙي سان مهني بدن صاف (*Sponging*) ڪجي. صابڻ جي استعمال ۾ ڪو نقصان نه آهي. صرف اهو خيال رکيو وڃي ته ناڙي تي پاڻي نه لڳي.

(ت) جيستائين ٻار جو ناڙو سڪي جدا نه ٿي وڃي تيستائين عام طرح سان وهنجارڻ نه کپي.

٢-ٻار جي ناڙي کي ڪنهن به قسم جي دوا،سرمو يا ملم هڻڻ نه کپي ۽ نه وري ڍڪڻ کپي.

٣-ناڙي کي کليو رکيو

**ڊاڪٽر اصغر چنا**
ايم. بي.، بي. ايس.، ايف. سي. پي. ايس.
اسسٽنٽ پروفيسر آف سرجري
جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي

# سرطان

# [ CANCER ]

”ڪينسر هڪ موذي مرض آهي جنهن مان بچڻ محال آهي.“ عام ماڻهو جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويٺل آهي، پر تازي تحقيق مان اها ڳالهه پڌري ٿي آهي ته جيڪڏهن ڪينسر جي مرض کي ٻين مرضن وانگر اڳتي وڌڻ کان روڪجي ته اهيو ممڪن آهي ته هن مرض کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ٿي وڃي. ڪجهه وقت اڳ ڪينسر جي سببن جي باري ۾ تمام ٿورو ڪجهه معلوم هيو. ١٨٧٥ع ڌاري ڪرنيم (Cohnheim) جو اهو خيال هيو ته اهو مرض اهڙن خلين (CELLS) مان پيدا ٿئي ٿو جيڪي انسان جي پيدائش کان اڳ واري عرصي (Embryonic life) دوران علحيدگي اختيار ڪري ٿا وڃن ۽ ڪجهه عرصو سست ۽ خاموش رهڻ کانپوءِ پنهنجو ورهاست وارو عمل شروع ڪري ٿا ڇڏين، جنهن جي ڪري ڪينسر جو مرض پيدا ٿيو پوي. هن نظرئي جي ذريعي ننڍ پڻ واري ڄمار جا ڪجهه ڪينسر ته ٿي سگهن ٿا پر وڏي هوندي جي مرض کي هنسان ڳنڍي نه ٿو سگهجي.

اسان کي اها خبر هئي ته ڪجهه ڌنڌن سان ڪينسر جي مرض جو خاص لاڳاپو آهي. مثال طور سنکيو (Arsenic) ۽ قلعي (Nickle) استعمال ڪندڙ ڪارخانن جي مزدورن ۾ ڦڦڙن ۽ چمڙي جي ڪينسر جو امڪان زياده آهي. اها ڄاڻ پڻ رکي وئي آهي ته ڪجهه خاندانن ۾ ڪجهه ڪينسر جا زياده امڪان آهن. تازي ڄاڻ موجب موجوده موسمي ۽ ماحولياتي اثرن جي ڪري هن مرض جي امڪانن ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. تجرباتي طور جانورن جي مٿان اهڙين شين جي اثرن کي ڏٺو پئي ويو، جنهن مان اها پروڙ پئي ته انڪري انساني ڪينسر به ٿي سگهي ٿو پر هاڻي هر اهو ڪيميائي ۽ طبي مادو تجربي لاءِ رکيو ويو آهي جيڪو سڌي يا اڻسڌي طرح انسان جي ڪم اچي ٿو يا اچڻ وارو آهي. ان طريقي سان ڪينسر پيدا ڪرڻ وارا مادا زياده کان زياده معلوم ٿيندا ٿا وڃن ۽ انهن کان بچاءُ لاءِ ضروري تدبيرون پڻ اختيار ڪيون پيون وڃن. حقيقت ۾ مجوده زماني جي تحقيقي جستجو اها آهي ته ڪينسر کان انسان کي بچايو وڃي. جنهن نموني دنيا کي اڄ ماتا (Small Pox) ۽ ٻين وچڙندڙ مرضن کان بچايو ويو آهي.

ظاهري طور تي ڪينسر هڪ سئو کان وڌيڪ مختلف حياتياتي ورتاءُ جي طور طريقن (Biological Behaviour) ۾ ڏسجي ٿو. هن مرض جو سماج (Society) جي مٿان اثر جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پنهنجي زندگي ۾ هر چوٿون آمريڪي هن مرض جو شڪار ٿيندو. (Harrison's Principle of internal medicine 9th Ed: P-1583)

دنيا ۾ هر ڏهين ڇوڪري زندگي ۾ هڪ دفعو سيني جي ڪينسر جو شڪار ٿيندي.

ان مان اسان کي اهو سمجهڻ کپي ته ڪينسر جو مسئلو ڪيترو نه گنڀير آهي ۽ ان کي روڪڻ جي لاءِ ڪيڏي وڏي ۽ اجتماعي جدوجهد جي ضرورت آهي.

هڪ خاص قسم جي ڪينسر پيدا ڪرڻ واري خليي جون خاصيتون عام خليي کان مختلف ٿي وڃن ٿيون. اهي خاصيتون دائمي طور انهي خليي ۾ رهن ٿيون ۽ خلين جي ورهاست (Mitosis) جي دوران اهي

# عام تعارف

## اليڪٽرانڪ اڪوپنڪچر ذريعي طبعي علاج

اڳين زماني کان وٺي اڄ جي نئين دؤر تائين هر ماڻهو طبعي علاج جي چاهه رکندو ۽ ان کي پسند ڪندو رهيو آهي. جڏهن انسان جسم جي ڪنهن حصي ۾ سور يا ٿڪاوٽ محسوس ڪندو آهي تہ ان کي زور ڏيڻ سان آرام جو احساس ٿيندو آهي. جيڪو پڻ طبعي علاج آهي.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انسانن ٽڪل عضون تي زور ڏيڻ بدران ٽڪ پچيندڙ مشينون استعمال ڪيون جيڪي زور کان بهتر ثابت ٿيون ۽ انهي عمل اڳتي هلي مشهور زمانہ چيني طريقہ علاج "اڪوپنڪچر" کي جنم ڏنو. جنهن ۾ هڪ خاص قسم جي سئي کي ڪن تنتن جي چار ۾ ٽنبي ڪين تحرڪ ۾ آڻڻ سان جسم جي متاثر حصي جي تڪليف بي ضرر نموني سان ختم ڪري سگهجي ٿي.

هاڻي سئي واپرائڻ بدران وري اليڪٽرانڪ اڪوپنڪچر جي اُيجاد عمل ۾ آئي آهي جنهن جي هلڪي چال جيڪا انساني جسم اندر موجود چرپر جي برابر آهي. سا روايتي اڪوپنڪچر جيترو ئي فائدو ڏئي سگهي ٿي.

## اليڪٽرانڪ اڪوپنڪچر ۾شامل گرمي خصوصي طرح سان هيٺين بيمارين لاءِ مفيد آهي.

معدي جي تڪليف، دست، ڏندن جون بيماريون، نڪ جون بيماريون، سنڌن جو سور، ڪلهي جو سور، چيلهہ جو سور، بي خوابي، پير جو موهجي پوڻ، ماهواري دوران تڪليف ۽ ٻيون زنانيون بيماريون .

## ٽينس ذريعي سور کان ڇوٽڪارو

چمڙيءَ منجهان تنتن کي برقي تحرڪ ڏيڻ وارو طريقو يا *(Transcutaneous Electrical Nerve Stimulations)* جنهن کي عام طرح سان ٽينس (TENS) چيو وڃي ٿو، سور ٽوڙڻ جو انتهائي جديد طريقو آهي. اهو اهڙي قسم جي سورن لاءِ تمام ڪارائتو آهي جيڪي ٻين طريقن سان ڏاڍا ڏکيا صحيح ٿين ٿا.

سخت پيڙيندڙ سور، پراڻو سور، آپريشن ڪانپوءِ ڏک لڳڻ وارو سور، "ٽينس" واري طريقي سان سستو ۽ سولو ختم ٿي سگهي ٿو.

"ٽينس" اهڙين حالتن ۾ استعمال ڪبو آهي جتي ٻرور وڏي علامت هجي.

اهو ٻنن جي سخت سور، پراڻي يا سخت پيڙيندڙ سور، مٿي جي سور، راندين ۽ ورزش وارن ڏکن جي سور، ڪن جي رڳ جي سور، چيلهہ جي سور، گوڏن ۽ ٻين سنڌن جي سور ۽ ڪينسر جي سور لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي.

قيمت اوهانجي اند

گهر ويٺي سش




احتياط :-

هڪ ٿي مهل ٻيا اليڪٽر

پيس ميڪر استعمال ڪ

پڻ استعمال نہ ڪن.

وڏيل بلڊپريشر وارا مريد

پاسو ڪن.

ٽيڪنوڪريٽ

ڪمرو نمبر 90-

آف آءِ آءِ چند

پوسٽ

ٽيليفون نمبر 16631

**ڊاڪٽر سيد شرف علي شاهه**
ايم. بي.، بي. ايس.، ڊپلومن (لنڊن)،
ڊي. ڊي. وي. (ويانا)، ايم. اي. ايم. ايس.، (ويانا)
اسڪن اسپيشلسٽ رمپا پلازا ڪراچي

# بگ / برص

# [Vitiligo]

بگ / برص چمڙيءَ جي هڪ خاص بيماري آهي. جنهن ۾ جسم جي مختلف حصن تي اڇا داغ ٿي پوندا آهن.

هي داغ ڪير جهڙا سفيد ٿيندا آهن ۽ مختلف ماپ ۽ شڪل ۾ ٿي سگهن ٿا ۽ عام طرح سان جسم جي ڪنهن به حصي تي ظاهر ٿي سگهن ٿا پر گهڻو ڪري هي داغ چپن ۽ اکين جي آس پاس ۽ آڱرين جي چيرن يا ڇهري ڪان شروع ٿيندا آهن ۽ آهستي آهستي سڄي جسم کي متاثر ڪري سگهن ٿا.

عام طور مريض کي هنن داغن جي ڪري ڪابه تڪليف جهڙوڪ : خارش، سور يا ساڙو نه ٿيندو آهي پر جيڪڏهن هي داغ جسم جي اهڙن حصن تي هجن جتي اس جا ڪرڻا پئجي سگهن ٿا. جهڙوڪ: منهن، هٿ، پير وغيره ته انهن حصن جا داغ سرخ ٿي سگهن ٿا ۽ مريض سڙڻ جي شڪايت ڪري سگهي ٿو. بگ ڪنهن به عمر ۾ ٿي سگهي ٿو. پر گهڻو ڪري ١٠ سالن کان ٣٠ سالن تائين زياده ڪيس ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اسان

هيءَ بيماري ڇهن مهينن جي ٻار کان وٺي ٩٠ سالن جي پوڙهن ماڻهن ۾ به ڏٺي آهي.

جينوٽيڪ هن بيماريءَ ۾ مريض کي گهڻو ڪري ڪابه جسماني تڪليف نه ٿيندي آهي پر مريض تمام گهڻي ذهني پريشاني جو شڪار هوندو آهي. هي بدنما داغ خاص ڪري ڇوڪرين ۾ تمام گهڻي ذهني دٻاءُ جو ڪارڻ ٿيندا آهن ۽ ڪي حساس ماڻهو ته ذهني مريض به ٿي پوندا آهن.

بگ/ برص جي باري ۾ عام ماڻهن جي ذهنن ۾ تمام گهڻا غلط نظريا ۽ خدشا رهندا آهن پر انهن جي ڪابه حقيقت نه آهي. جهڙوڪ: عام ماڻهن جو هي خيال آهي ته هي مرض مڇي ۽ کير گڏ کائڻ سان ٿيندو آهي ۽ ڪي ماڻهو بگ کي وچڙندڙ مرض سمجهندا آهن ۽ بگ جي مريضن سان ملڻ کان ڪترائيندا آهن. حالانڪ هي مرض نه ته مڇي ۽ کير گڏ کائڻ سان ٿيندو آهي ۽ نه ئي ڪو وچڙندڙ مرض آهي. جيڪو هڪ ماڻهوءَ مان ٻئي کي لڳي سگهي.

اها ڳالهه صرف اتي ختم نٿي ٿئي پر ڪي ماڻهو ته هن مرض کي ڪوڙهه يا جذام ( Leprosy ) ڪري سمجهندا آهن ۽ خدا جي طرف کان مريض لاءِ سزا سمجهندا آهن اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن جن ۾ ڪابه حقيقت نه آهي

## بگ ڇو ٿيندو آهي؟

تمام گهڻي تحقيق جي باوجود اها ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي ته بگ/ برص جو اصل سبب ڇا آهي حالانڪ ريسرچ سان ٻين ڪافي لاڳاپيل حقيقتن جي ڄاڻ پئي آهي.

١-ڏٺو ويو آهي ته بگ جي ٣٠ سيڪڙو مريضن جي خاندان ۾ اها بيماري موجود هوندي آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هي بيماري موروثي ٿي سگهي ٿي.

٢- ذيابيطس يا مٺن پيشابن جي بيماري عام ماڻهن کان وڌيڪ بگ برص جي مريضن کي اثرانداز ڪندي آهي، ٻين لفظن ۾ ذيابيطس جي مريضن کي بگ ٿيڻ جو امڪان وڌيڪ آهي.

**ڊاڪٽر واسديو صاراٺي**
اک جي بيمارين جو ماهر اڪمرو
نمبر ۲ ڇهين منزل رمپا پلازا ڪراچي)

# ڪارو پاڻي يا موتيو

# [GLAUCOMA]

**تعارف** ( Introduction):-

اسان جي اکين ۾ هڪ خاص قسم جو پاڻيٺ ٺهي ٿو جنهن کي هيومرپاڻيٺ (AqueousHumor) چيو وڃي ٿو. هيءَ اک جي خاص حصي سيلئري باڊي ( Ciliary Body ) ۾ ٺهي ٿو جيئن ته هيءَ پاڻي هميشه ٺهندو رهي ٿو انڪري قدرتي طور هن جي نيڪال جو نظام به رکيو ويو آهي. هيءَ پاڻي ٽريبيڪيولر ڳانڍاپي (Trabecular Meshwork) کان ٿيندو خون ۾ جذب ٿئي ٿو.

هن پاڻي جي ٺهڻ ۽ ان جي نيڪال ۾ هڪ خاص توازن رکيو ويو آهي. اهو جيڪڏهن بگڙجي وڃي ته اک جي پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽ يا وڌيڪ ٿي سگهي ٿو. موتيو يا ڪارو پاڻي هڪ اهڙي بيماري آهي، جنهن ۾ هي دٻاءُ تمام گهڻو وڌي وڃي ٿو. اک جون اندريون رڳون هيءَ دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهن. جنهن ڪري انسان جي نظر متاثر ٿئي ٿي، ۽ آهستي آهستي گهٽ ٿيندي ٿيندي آخر هڪ ڏينهن ختم ٿي وڃي ٿي. دنيا ۾ انڌي ٿيڻ جي سببن مان هڪ سبب ڪارو پاڻي به آهي. هن بيماريءَ کي ڪارو پاڻي ان ڪري چيو وڃي ٿو ته ان جو واپس اچڻ ناممڪن آهي. ڪاري پاڻيءَ جا تمام گهڻا قسم آهن انهن مان سڀ کان اهم قسم جو تفصيل هتي ڏجي ٿو. جيڪو سڀني کان خطرناڪ آهي. هن اهنج کي دائمي نوعيت جو ڪارو پاڻي يا (Chronic Simple Glaucoma ) چيو وڃي ٿو. هن بيماري ۾ نظر آهستي آهستي گهٽجي وڃي ٿي. هي اڪثر ۴۰ سالن کان وڌيڪ عمر وارن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو، ۽ آباديءَ ۾ هن جو تناسب اڌ کان هڪ سيڪڙو آهي هيءَ مرض عورتن ۽ مردن ۾ هڪ برابر ٿئي ٿو.

**نشانيون** ( Symptoms ) :-

دلچسپ ڳالهه هي آهي ته هن بيماريءَ جو پتو مريض کي نه ٿو پوي ته هن کي ڪا بيماري آهي، نه ته اک ۾ سور ٿئي ٿو نه وري ڳاڙهاڻ اچي ٿي. اڪثر ڪري هيءَ بيماري اوچتو سڃاڻپ ۾ اچي ٿي يا وري مريض کي مٿي ۾ هلڪو سور محسوس ٿئي ٿو. ان کان علاوه عينڪ جو نمبر هر هر مٽجڻ ۽ رات جو نظر گهٽجي وڃڻ هن بيماريءَ جي نشانين ۾ شامل آهن. ڪجهه پيون به اهڙيون حالتون آهن جن ۾ هن مرض جي وڌي وڃڻ جا امڪان زياده ٿين ٿا مثلاً

**۱-خانداني ورثو:-**

عام طور تي هي بيماري خانداني طرح ورثي ۾ ملي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي هي بيماري آهي ته انهيءَ جي وڏن ۾ هن بيماريءَ جي هجڻ جون شاهديون مليون آهن ان ڪانسواءِ هن جي اولاد ۾ هن بيماري جي ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو.

**۲- ڪارٽيسون دوائن جو استعمال:-**

هن دوا جو زياده استعمال به ڪاري پاڻيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

**۳-ڊيابيطس:-**

مٺن پيشابن وارن مريضن ۾ ڪاري پاڻي ٿيڻ جو خطرو ٽيڻ تي ٿئي ٿو.

**۴- نظر جي ڪمزوري:-**

جنهن ماڻهو جي پري جي نظر گهٽي خراب هوندي آهي جنهن کي Myopia به چيو وڃي ٿو انهي ۾ به هن بيماري ٿيڻ جو خطرو زياده هوندو آهي.

**ڊاڪٽر فاروق الرحمٰن سومرو**
ميڊيڪل آفيسر (انچارج) لاڙڪاڻو ليپروسي سينٽر لاڙڪاڻو

# ڪوڙهه

# ( LEPROSY )

**تعارف:-** ڪوڙهه ٻـ ٻين بيمارين جهڙوڪ سلهه، مدي جي بخار، ڪالرا، نزلي ۽ زڪام جيان هڪ بيماري آهي، پر هي موروثي مرض نـ آهي. اهو چوڻ غلط آهي تـ ڪوڙهه جي بيماري ڪاڻڻ پيئڻ ۾ پرهيز نـ ڪرڻ جي ڪري ٿئي ٿي، گهڻا ماڻهو وري، اهو چوندا آهن تـ مڇي ڪاڻڻ ڪانپوءِ کير استعمال ڪرڻ سان ڪوڙهه ٿي پوي ٿو. جڏهن تـ اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن، ڪوڙهه جا مريض دنيا جي هر علائقي ۾ موجود آهن پوءِ چاهي اهو علائقو جابلو هجي يا ميداني، گرم يا سرد، هن مرض جي ڪنهن خاص قسم جي آبهوا سان ٻـ ڪو تعلق نـ آهي. غريب، امير، وڏا، ننڍا، عورتون، مرد مطلب تـ ڪنهن کي ٻـ ٿي سگهي ٿو. ڪوڙهه جي بيماري ٻين وچڙندڙ بيمارين کان گهٽ وچڙندڙ آهي.

**ڪارڻ :-** ڪوڙهه جي بيماري هڪ خاص قسم جي جيوڙي مائڪو بيڪٽريم ليپري *( Mycobactrium Leprae)* سبب ٿي پري ٿي. هي جيوڙو ناروي جي ڊاڪٽر هينسن *( Dr. Hansen )* ١٨٧١ع ۾ ڳولي لڌو. ان لحاظ کان هن جيوڙي کي هينسن بيسليس *( H. Bacillis )* تـ ڪوڙهه کي هينسي مرض ٻـ سڏيو ويندو آهي. هن مرض جا جيوڙا شڪل شباهت ۾ سلهه جي جيوڙي سان ڪجهه مشابهت رکن ٿا، جڏهن تـ هي ٻئي بيماريون هڪ ٻئي کان بلڪل نراليون ٿين ٿيون.

**قسم:-** ڪوڙهه جي بيماري جا ٻـ قسم آهن.

**"الف" وچڙندڙ** *(Infectious)*

جيڪو هڪ مريض کان ٻئي ماڻهوءَ کي لڳي سگهي ٿو ۽

**"ب" اڻ وچڙندڙ** *( Non - Infectious )*

جيڪو هڪ مريض کان ٻئي ماڻهوءَ کي وچڙي نـٿو سگهي. وچڙندڙ ڪوڙهه جو مريض جيڪڏهن ٽن مهينن کان ڇهن مهينن تائين لڳاتار دوا استعمال ڪندو رهي تـ ان جو مرض اڻوچڙندڙ ٿي ويندو، جيڪو بيماري جي قسم ۽ نوعيت جي لحاظ کان مختلف ٿي سگهي ٿو. ڪوڙهه جو مرض علاج جوڳو آهي ۽ دوائن جي لڳاتار استعمال سان مريض پوريءَ طرح سان صحتياب ٿي وڃي ٿو، پو چاهي اهو مرض وچڙندڙ قسم جو هجي يا اڻوچڙندڙ قسم جو. ڪوڙهه جي سڃاڻپ جيترو جلد ٿيندي اوترو ئي مريض جلد صحتياب ٿيندو آهي. هتي اها ڳالهه ٻـ واضح ڪرڻ ضروري سمجهي وڃي ٿي تـ ڄمڻ وقت ئي ٩٠ کان ٩٥ سيڪڙو ماڻهن جي جسم ۾ هن مرض کان بچاءُ جي قوت موجود هوندي آهي. تنهنڪري اهڙن ماڻهن کي ڪوڙهه جو مرض ٿي نـ سگهندو آهي. جڏهن تـ رڳو ٥ کان ١٠ سيڪڙو ماڻهن ۾ اهڙي بچاءُ واري قوت موجود نـ هوندي آهي جنهنڪري اهي ڪوڙهه جي مرض جو شڪار ٿي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو جڏهن ڪنهن وچڙندڙ قسم جي مريض سان ڊگهي عرصي تائين گڏ رهن هڪ کٽ تي گڏ سمهن، هڪ ٻئي جا ڪپڙا استعمال ڪن تـ اهڙي ماڻهوءَ کان ڪين بيماري لڳي سگهي ٿي. ڪوڙهه جي مريض جو تقريباً ٧٠ سيڪڙو اڻوچڙندڙ قسم جي ڪوڙهه ۾ مبتلا هوندو آهي. مردن جي ڀيٽ ۾ عورتون هن مرض جو گهٽ شڪار ٿينديون آهن.

## جيوڙن داخل ٿيڻ جا ذريعا:-

جڏهن ڪو ماڻهو وچڙندڙ قسم جي ڪوڙهه واري مريض سان گڏ رهيو هجي تـ ان جي مرض جا جيوڙا نڪن ڦڙن، زخمن ۽ رهڙن

سمجهيون ويندي يون هيون، هاڻ انهن جو اثرائتو علاج موجود آهي ۽ اهڙيون ڪيتريون بيماريون بلڪل ختم ٿي چڪيون آهن، ڪوڙهه جو بہ مڪمل علاج موجود آهي ۽ ڪوڙه جا مريض بلڪل صحتياب ٿي پنهنجي زندگي ٻين عام ماڻهن جيان گذاري سگهن ٿا ۽ معاشري ۾ ڪارائتو شهري ثابت ٿي سگهن ٿا، تنهنڪري ضروري هوندو آهي تہ ڪوڙهه جو جيترو جلد تشخيص ۽ علاج ڪرايو وڃي اوترو وڌيڪ بهتر هوندو آهي. تشخيص دير سان ٿيڻ يا ڪرائڻ ڪري بيماريءَ جي وڌي وڃڻ جي حالت ۾ ڪجهہ پيچيدگيون ۽ تڪليفون پيدا ٿي سگهن ٿيون. جهڙوڪ:- هٿن ۽ پيرن جي آڱرين جو وري وڃڻ ۽ ڪن حالتن ۾ نڪ جو ويهي وڃڻ، وغيره.جيتوڻيڪ اهڙيون ڪيتريون خرابيون ۽ ٻي ڊولائپ پلاسٽڪ سرجري وسيلي ٺيڪ ڪرائي سگهبيون آهن. پر تڏهن ان تي تمام گهڻو پئسو ۽ وقت خرچ ڪرڻو پري ٿو ساڳئي وقت وڌيڪ وکهي ويل ۽ پيچيده ڪوڙهہ کي روڪڻ لاءِ ڪا وڌيڪ اثرائتي دوا بہ موجود نہ آهي. ان لاءِ بهتر هوندو آهي تہ ڪوڙهہ جي مريض جو جيترو جلد علاج ڪيو وڃي اوترو ويڌڪ بهتر.ساڳئي وقت اهو بہ مناسب ۽ وقتائتو ڪم سمجهيو ويندو آهي تہ اهڙي مريض جي باقي خاندان جي سڀني ڀاتين جو بہ معائنو ڪيو وڃي ۽ جي ڪو ٻيو ڪوڙهہ ۾ مبتلا محسوس ٿيندو هجي تہ ان جو بہ جلد علاج شروع ڪيو وڃي. صحت ۽ صفائي سٺائي قائم رکڻ لاءِ اهڙي تعليم بہ ڏبي رهجي تہ جيئن ماڻهن ۾ بيمارين لاءِ غلط تصور پيدا ٿي نہ سگهن، اهو بہ ڪو زمانو هو جڏهن يورپ ۾ ڪوڙهہ جو مرض گهڻو دورن تي هو، پر پوءِ جڏهن صحت جي تعليم عام ٿي تہ اهو آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو ۽ هن وقت اتي نہ هجڻ جي برابر آهي.


# ماهوار ويڄ لاءِ نمائندا گهرجن

سڄي سنڌ جي شهرن، وڏين اسپتالن ۽ ميڊيڪل ڪاليجن مان ماهوار ويڄ لاءِ ڊاڪٽر ڊاڪٽري جا شاگرد يا پڙهيل لکيل نمائندا گهرجن، جيڪي رسالي کي معياري خبرون ۽ ٻيو مواد گڏ ڪري موڪلي سگهن.

پنهنجن خدمتن لاءِ مينيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ جي پي او باڪس نمبر 568 ڪراچي کي لکو

سنڌيڪار
**علي مرتضيٰ ڌاريجو**

# ڳپ پوڻ

# [CONCEPTION]

*ڳپ ڪيئن ٿو پوي، ان سلسلي ۾ سائنسدانن جيڪي بہ کوجنائون ڪيون آهن، انهن بابت ڪي ڇرڪائيندڙ حقيقتون. جيڪڏهن توهان ڳپ روڪ ( Contraceptives) ۽ پيدائش جي سائنس سان دلچسپي رکندڙ آهيو تہ هي مضمون توهان لاءِ وڏيڪ دلچسپ ثابت ٿيندو.*

جيئن عام طور تي سمجهيو وڃي ٿو، ائين ناهي، تہ زندگيءَ جي شروعات "ڳپ پوڻ" (Conception) سان ٿئي ٿي. حياتيءَ جي اهڙين حقيقتن جي ڄاڻ جيئن جيئن سائنسي کوجنائن مان پوندي وڃي ٿي تيئن تيئن اهي وڌيڪ واضح ٿينديون وڃن ٿيون. ان قسم جي ڄاڻ جا ڪيترائي سبب آهن جهڙوڪ : سائنسي دنيا ۾ سيل ۽ ماليڪيولر بائلاجيءَ جي ڦولهائڻ ڪرڻ جا جديد ۽ اثرائتا طور طريقا، اڻ ڳهربل حمل ۽ عيبدار ٻارن جي ڄمڻ کان اڳ اپاءَ وٺڻ وغيره.

ڳپ روڪڻ (Contraception) جي جديد طريقن جي تلاش ۾ رڌل سائنسدانن کي هاڻي اها بہ ڄاڻ پئي آهي تہ اهڙي ڪابہ گهڙي يا مهل ڪانهي جنهن لاءِ چئي سگهجي تہ، انڪانپوءِ ڪنهن نئين زندگيءَ جي شروعات ٿئي ٿي، يعني حمل ٿئي ٿو. اهڙا ڪيترائي سلسليوار عمل ۽ ڳالهيون، سٺن ڏينهن دوران پيدا ٿيڻ شروع ٿين ٿيون جڏهن تخمي جيو آني سان لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو ۽ اصلي انساني ڳپ نسرڻ شروع ٿئي ٿو ۽ اهڙو هر هڪ عمل، هڪ اهڙي ڏاڪي جيان آهي، جنهن لاءِ ڳپ روڪ جا جديد طريقا اختيار ڪري، حمل کي روڪي سگهجي ٿو.

اهڙا اُپاءَ وٺڻ تہ جيئن ڪو ٻار ڪنهن عيب سان پيدا ٿي نہ سگهي، سائنسدان ان ڏس ۾ کوجنائن ۾ رڌل رهندي نہ رڳو ڪيتريون نيون ڳالهيون سکيا آهن پر ڪيترين پيچيده ۽ حيران ڪندڙ حقيقتن جي سڌ پڻ پئي آهي. جيڪي ڳپ جي پيدا ٿيڻ لاءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي ظاهر ٿين ٿيون ۽ جڏهن ڪا هلڪي ڦلڪي غلطي ٿي چڪي نہ ڪئي ويئي هجي تہ ان سبب پيدا ٿيندڙ ٻار ۾ ڪي سنگين عيب پيدا ٿي سگهن ٿا.

ان سلسلي ۾ سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ اها هڪ عام ۽ رسمي چوڻي تہ "زندگيءَ جي شروعات ڳپ سنجرڻ سان ٿئي ٿي غلط، بلڪل غلط آهي". جنهن جا بہ دليل ڏنا ويا آهن:

پهريون زندگيءَ جي شروعات رڳو هڪ دفعو اڄ کان لکين ڪروڙين سال اڳ ٿي هئي جيڪا هاڻ رڳو هڪ نسل کان ٻئي تائين منتقل ٿيندي رهي ٿي. تخمي جيو (Sperm) ۽ آنو (Ovum) اڄ بہ موجود آهي ۽

# ماهوار ويڄ ڪراچي

*** جيڪڏهن اوهان چاهيون ٿا ته**

- سنڌيءَ ۾ صحت بابت پهريون رسالو ماهوار ويڄ باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

**ته پوءِ**

- اڄ ئي ماهوار ويڄ جي ساليانی خريداري جو ڪوپن پري موڪليو
- ڪوپن سان گڏ ساليانی خريداري جو چندو هڪ سئو روپيه / ڇهه ماهي خريداري جو چندو پنجاهه روپيه،
  بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ ذريعي موڪليو.
- بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ "ماهوار ويڄ" ( *Monthly WAIJ* ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

*** مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

## خريداري جو فارم

منهنجو نالوماهوار ويڄ جي ساليانی/ ڇهه ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ ڇهه ماهي چندي جو چيڪ / بئنڪ ڊرافٽ هن فارم سان گڏ موڪلي رهيو آهيان.

نالو (ذات سان گڏ) ______________________

ائڊريس ______________________

______________________

______________________

شامل چيڪ / بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ______________________

صحيح ______________ تاريخ ______________

